# رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين جو فني اڀياس

## Study of Technic of Short Stories of Rasool Bux Palijo

زويا راڄپر

***Abstract:***

*Rasool Bux Palijo was a great scholar, intellectual, historian, prolific author, poet, lawyer, politician and an orator. People of Asia, notable personalities and media entitled him as an Institution. He is greatly known by his assiduous struggle for the rights of people of his nation as courageous politician, social activist and an orator. He was the fond of literature. He emboldened people of Sindh by his revolutionary literary writings. He used to say "No struggle for revolution can lead to the success without reading and writing literature"*

*In his literary services, he has also done remarkable job. He wrote 2 books of stories named as "Passi Garha Gul" and "Qaid Kahaniyoon". He is the writer of society's realities. He is great scenographer. His stories has very strong plot with meaningful subject related to the social issues. He has presented his stories realistically. Especially the language in his stories has been outstandingly used. The excellence of his stories is reflected through genuine native dialects.*

*Here I have tried to throw light on technical elegance of stories by Rasool Bux Palijo.*

سنڌي ادب جي ڪيترن ئي ناميارن ڪهاڻيڪارن جهڙوڪ امر لعل هڱوراڻي، عثمان علي انصاري، مرزا نادر بيگ، آسانند مامتوراء، گوبند مالهي، شيخ اياز، جمال ابڙي، غلام رباني، شيخ حفيظ، سراج، بشير مورياڻي، رشيد ڀٽي، ابن حيات پنهور، نسيم کرل، اياز قادري، علي بابا، آغا سليم، مراد علي مرزا، امر جليل ۽ ٻين بهترين ۽ يادگار ڪهاڻيون لکي سنڌي ادب ۽ سنڌي عوام جو پاڻ ۾ اڻ ٽٽ رشتو جوڙيو آهي. سنڌي ڪهاڻيڪارن جا اهي شاهڪار هڪ انقلاب جي حيثيت رکن ٿا. اهڙن شاهڪارن جي ليکڪن ۾ هڪ نالو رسول بخش پليجي جو بہ آهي، جنهن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي طبقي جي زندگي ۽ مسئلن جي ڀرپور ۽ نهايت اصلوڪي حقيقي انداز ۾ اپٽار ڪيل آهي.

سندس ڪهاڻيون نہ صرف فڪري پر فني حوالي سان بہ پختيون آهن. پليجي جي ڪهاڻين جا موضوع، ٻولي ۽ اسلوب بهترين ۽ معياري آهن.

رسول بخش پليجي جو نالو بہ انهن اهم ڪهاڻيڪارن ۾ ڳڻجي ٿو ڇا ڪاڻ تہ پليجي جي ڪهاڻين جا موضوع، ٻولي ۽ اسلوب بهترين ۽ معياري آهن. پليجي جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جي تاريخ جو حصو بڻجي ويون آهن تنهن ڪري سنڌ جي عالمن، محققن جڏهن ادبي تاريخن ۾ ڪهاڻيءَ جي تاريخ لکڻ ويٺا تہ ان ۾ رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين کي ڪين وساريو اٿن.

سندس ڪهاڻين (طبعزاد) جا ٻہ مجموعا شايع ٿيا آهن جن مان پهريون مجموعو "پسي ڳاڙها گل" 1985ع ۾ شايع ٿيو. ان مجموعي ۾ ست ڪهاڻيون آهن، سندس ٻيو مجموعو "ڪورٽ ڪهاڻيون" جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ ڏهہ ڪهاڻيون آهن. 2012ع ۾ سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي اداري طرفان اهي ٻئي مجموعا "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" نالي ڪتاب ۾ گڏي ڇاپيا ويا. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پليجي جي ڪهاڻين جي باري ۾ هيءَ راءِ رکي ٿو:

"ٿوريون ڪهاڻيون لکيون اٿس پر اهي فن توڙي مقصديت جي لحاظ کان سٺيون ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ماڻهن جي ڏکن ۽ سورن جي اپٽار ڪئي اٿس. "جتي باهہ ٻري"، "پسي ڳاڙها گل" ۽ "اڄ آڳڙيا آئيا" سندس بهترين ڪهاڻيون آهن." (1)
سنڌ جي محققن ۽ نقادن وٽ رسول بخش پليجي جون ڪهاڻيون ميڃتا ماڻي چڪيون آهن. سندس ڪهاڻين جو فني جائزو هيٺين عناصرن ذريعي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

**1. پلاٽ**
**2. اسلوب**
**3. ڪردار ۽ ڪردار نگاري**
**4. منظر نگاري**
**5. مڪالما**
**6. ٻولي**

اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب "انيس انصاري: فن ۽ شخصيت" ۾ "ڪهاڻي جي جزن جي ساڳي ترتيب ڏني آهي، جنهن ۾ پلاٽ، موضوع، ڪردار نگاري، اسلوب، منظر نگاري ۽ ٻولي شامل آهن." (2)

## 1. پلاٽ:

سڀ کان اول تہ پلاٽ آهي ڇا؟ آسان لفظن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ پلاٽ معني رٿابندي ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جي پيشڪش جي ترتيب، حادثي مسئلن ۽ احساس جي رٿابندي ڪجي ٿي، ان کي پلاٽ چئجي ٿو. پلاٽ ڪهاڻيءَ جي بنيادي ترتيب آهي. واقعي جي شروعات ڪيئن ڪجي، واقعي جو عروج ڪيڏي مهل اچڻ گهرجي اختتام ڪيئن ٿئي. اها واقعي جي رٿابندي آهي. اشتياق انصاري پلاٽ جي اهميت کي هيئن بيان ڪري ٿو.

”ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ وڏي اهميت رکي ٿو ڪهاڻيءَ جو تاحيي پيٽو پلاٽ تي ٻڌل هوندو آهي، ٻين لفظن ۾ پلاٽ ڪهاڻيءَ جي ترتيب ۽ سٺاءُ جو نالو آهي، پلاٽ زندگيءَ جي ڪنهن بہ واقعي يا حادثي تي مشتمل هوندو آهي، جنهن کي ڪهاڻيڪار هڪ خوبصورت ترتيب ڏئي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو آهي.“ (3)

رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين جا پلاٽ بہ وزندار آهن، موضوع جي چونڊ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ ڪهاڻيءَ جو عروج (ڪلائيميڪس) متاثر ڪندڙ اٿس جيڪي ڪهاڻيءَ ۾ جان وجهڻ وارو ڪم ڪن ٿا.

يوسف سنڌي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب“ ۾ لکيو آهي تہ:

”رسول بخش پليجي جون ڪهاڻيون ٻولي، مواد توڙي پلاٽ جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهن.“ (4)

رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي ”بختاور“ جي شروعات تمام تذبذبيت (سسپينشنل) آهي. جنهن جو شروعاتي ٽڪرو مثال طور ڏجي ٿو.

”ڪريما“

”جي بابا“

”پٽ! منهنجي بئگ تيار ڪر مون کي ٻاهر وڃڻو آهي.“

ڪريما اهڙين ڳالهين تي هريل هئي.

اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ آءٌ اسٽيشن تي پهچي ويس بلڪي اسين پهچي وياسين ڇو تہ ڪريما وارا بہ مون سان گڏ هئا. ريل ۾ چڙهي ويناسين. ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ اسان جي اسٽيشن اچي وئي.

مون سول اسپتال جي گيٽ تي پهچي ڪريما کي چيم: مون توکي بنھ نہ ٿي آندو پر تون ڦڏو ڪري زبردستيءَ آئي آهين ٺيڪ؟

”ها بابا“

”توکي پنهنجو واعدو ياد آهي؟“
”ها بابا“

هوءَ در کان ٽئين نمبر بستري تي پئي هئي. ٻهراڙيءَ جا پنج، ڇهه زالون، مرد سندس پرسان ويٺل ۽ بيٺل هئا. ويٺل به اسان کي ڏسي اٿي بيٺا. ”ڪنهن ڪنهن مهل هوش اچيس ٿو نه ته ايئن ٻڌل آهي. به گوليون ڪيديون اٿنس. هڪڙي سٽر مان، ٻي ڪلهي مان.“ (5)

ٻي ڪهاڻي”پسي ڳاڙها گل“ جو مثال ڏجي ٿو جنهن جي شروعات پڻ تمام ڇرڪائيندڙ آهي:

”هوءَ ڇرڪ ڀري جاڳي پئي، سندس وات مان رڙ نڪرندي نڪرندي دٻجي ويئي، هن پنهنجي دماغ مان پوريءَ قوت سان آواز ڏانهن ڌيان ڏنو. در وٽ تمام هلڪو پر چٽو ٺڪاءُ ٿيو. در جو تالو ڪڙڪي سان آهستي ٺڪريو.

پوءِ ڪجهه دير خاموشي ٿي وئي. منٽ ڪانپوءِ وري ساڳيو آواز ٿيو. ”هوا ..... نه ماڻهوا!“ کيس محسوس ٿيو ته سندس لڱ ڪانڊارجي ويا ۽ پيشاني پگهرجي وئي. هوءَ بي اختيار ست ڏئي اٿي ۽ هڪ دل ڏاريندڙ گونگي ريهه ڪري وري پڙڇ تي ڪري پئي.“ (6)

سندس ڪجهه ڪهاڻين جو وري اختتام تمام اتساهيندڙ ۽ سبق آميز آهي. ان لاءِ ڪهاڻي ”ڏوتي سان ڏورين“ جو آخري پئراگراف هتي مثال طور ڏجي ٿو:

”ايئن ڪندو پنهنجي سيني هارين پائرن کي پاڻ سان ملائي، منجهن هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جو مادو پيدا ڪري ۽ دشمنن سان مقابلو ڪرڻ جو رستو ڏيکاري، رئيس جانڻ خان ۽ سندس پاليل ڪاٽڪو ڪمدارن جي دٻدٻي ۽ لٽڙ کان سيني کي ڪجهه قدر ويساند ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پر ڪنڌي جو اصل ڪم اجان اڳتي هو ۽ هو پنهنجو اهو ڪم اڳي کان به وڌيڪ جوش سان ڪندو رهيو.“ (7)

اهڙي ئي بامقصد ۽ جاندار پچاڻي سندس ڪهاڻي ”ڪئٽرائين دنيا جو سير ڪيو“ جي آهي، جنهن جو آخري ٽڪرو هي آهي.

”هاءِ ڪورٽ مسلم علي صوبيدار خلاف سخت ريمارڪس پاس ڪيا ۽ ڪئٽرائين جي اصول پرستي ۽ اعلي ڪردار کي خراج تحسين ڏنو. جو هن بي يارو مددگار ڇوڪريءَ وطن کان هزارين ڪوهه پري پرديس ۾ هيڏي مشڪلاتن هوندي، هيڏي لالچ کي ٺوڪر هڻي، ڪمال الدين جهڙي بااثر آفيسر ۽ پوليس جي سازش کي ناڪام بڻائي ڏوهي کي سزاياب ڪرايو ۽ پنهنجي بيعزتي جو بدلو ورتو. ڪئٽرائين سيني کي اهو

ڏيکاريو تہ سڌريل ملڪن جا مرد توڙي عورتون نہ رڳو پنهنجي وطن پر ڌارين ملڪن ۾ بہ پنهنجي جائز قانوني حقن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهن ٿا. ڪا بہ لالچ ڪو بہ ڌڙڪو ڪا بہ تڪليف بلڪہ خواري خرابي ۽ بدنامي بہ ڪين پنهنجي حق جي حفاظت کان روڪي نہ ٿي سگهي.“ (8)

## 2. اسلوب:

اسلوب يعني انداز بيان. خيالن ۽ جذبن جي اظهار جي نرالي طريقي کي اسلوب چئجي ٿو. ليکڪ جي اسلوب ۾ ان جي شخصيت جو عڪس نظر ايندو آهي. اسلوب مان ئي ليکڪ جي انفراديت کي پروڙي سگهبو آهي.

شمس الدين عرساڻي اسلوب جي وصف هيئن ٻڌائي ٿو.

”مختصر طور تي هيءَ وصف ٿي سگهي ٿي، اسلوب هڪ شخصي اظهار آهي جو لکندڙ جي تخليق ۾ ترتيب وٺي ٿو ۽ ان جي تشڪيل زبان جي مخصوص استعمال جي طريقي مان ٿئي ٿي!“ (9)

رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين جي انفراديت سندس اسلوب بہ آهي. عام عوامي لهجي، سادا ۽ پر اثر لفظ ڪردارن سان ٺهڪندڙ تيز ٻوليءَ ذريعي هن پنهنجو منفرد اسلوب قائم ڪيو آهي. خاص ڪري ڳوٺاڻي ماحول کي جنهن صفائيءَ سان رسول بخش پليجي پيش ڪيو آهي، ان جو مثال گهٽ ملي ٿو. ڳوٺن جو ماحول، ريتون، رسمون، رهڻي ڪهڻي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ کي پليجي، نارائڻ شام جي هائڪن وانگر ”تصويري“ بيان ڪيو آهي.

پليجي جي اسلوب بابت شمس الدين عرساڻي جو خيال آهي تہ:

”هن جو اسلوب بي تڪلف سادگي رکندي بہ قوت تاثير رکي ٿو. اهو بيانيہ تصوير ڪشيءَ جو انداز آهي، جنهن ۾ لساني تخليقي رنگ چڙهيل ناهي، مگر ڪهاڻيڪار زندگيءَ جو هوبهو عڪس صرف لفظي تصويرن ذريعي پيش ڪري ڇڏي ٿو. جنهن ۾ مقامي زندگيءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ٿين ٿيون، جن ۾ نہ رڳو ڳوٺاڻن جي رهڻي ڪهڻي هوندي آهي، بلڪہ سندن فطري ڳالهہ ٻولهہ جو ڍنگ ۽ لهجو بہ شامل هوندو آهي، جنهن مان گهرن ۾ رهندڙ مردن، زالن جي هلت چلت، معاشرت، آسون، اميدون، نااميدون ۽ مونجهارا سيئي ظاهر ٿي پوندا آهن!.“ (10)

سنڌ جي ڳوٺن ۾ ٻن پاڙن جو ڪاوڙجڻ ۾ ڪجهه وقت ڪانپوءِ پنج ڇهه وڏڙن جو وچي ٿاهه ڪرائڻ جو رواج پراڻو آهي. ان قصي کي پليجي دلچسپ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. مختصر نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

"خميسا، ادا تون وڏو آهين، سرهال آهين، سڀ ڪو توکي چوندو. تو جي جيئري ياقب کي ڪير به ڪو نه چوندو، اڄ ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌيونسين. ياقب تنهنجون ڇوريون ڪرايون، توکي ڇڏي وچي ڪانڊيري جو ڪاڄ ڪاڏائين، اها چڱي ڪا نه ڪيئين، ڪير ڪٽس شابس ڪا نه ڏيندو، ٻچڙي کي سڀڪو ٻچڙو چوندو، چڱو ڪير ڪو نه چوندو." (11)

ڳوٺن ۾ عورتن جي زندگي، سندن معمول ڪيئن هوندو آهي، ان کي پليجي چڱي نموني چٽيو آهي. جنهن جو هڪ مثال ساڳي ڪهاڻيءَ مان ڏجي ٿو.

"هن مئي الله ماري ياقب جي مون سان عمر ڪا نه پيئي. ڪوڙهه نڪريس، سڄي چمار جوٽس دادلي سڄو ڏينهن جهنگ پيئي ڦرندي، تنهن کي الفان ٻي ڪو نه چوندو هو. اها پل پيئي مونجون اڇيو بڇيون، ميون جيئرون ڪيڏي باقي مون ٿورو چپ چوريو ته ٺا لٺ مغز ۾! هھڙي تهڙي وات تي هٽين! ڪتا به رت ڪو نه چٽيندا هئا. اهو رت ، ٽيو مڙسم وينو هوندو ته رڳو هٽ وجهي به ڪو نه ڇڏائيندو هو. "اڙي شل ڪا ٻاهه لڳنين، تون هٽ وجهي ڇڏائي ته سهي" چي آءُ ڪو هن پڙوي سان لڳي پڙوو ٽيندس ڪ! چوندا رن جو بدلو ٿو ڪٽي. (12)

اهو آهي پليجي جي ڳوٺاڻي ماحول ۾ عام ماڻهن جي زندگي جو گهرو مشاهدو، جيڪو پاڻ سندس تحريرن کي منفرد بڻائي ٿو. عورتن جي زباني سندس لکيل مڪالمه ايترا ته جاندار ۽ حقيقي ٿا لڳن جو ذهن اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تياي نه آهي ته ڪو اهي مڪالمه ڪنهن مرد ليکڪ لکيا آهن.

"پسي ڳاڙها گل" جي مهاڳ ۾ الهداد ٻوهئي ان ڳاله کي مڃيو آهي. هو چوي ٿو:

"پليجو هر قسم جو نثر لکي سگهي ٿو پر انهي ڪمال ۾ طرز جو نثر به لکي ٿو جيڪو شايد هن ڪان اڳي نه لکيو ويو آهي. پنهنجي ڪتاب ۾ هن جو نثر سندس علائقي جي زبان جو بهترين مثال آهي. عورت جي زبان ۾ سنڌي زبان جو نثر جيڪو پليجو هن ڪتاب ۾ آڻي ٿو اهو پڙهي وري پڙهڻ جهڙو آهي." (13)

ڳوٺاڻي عورتن جي لهجي ۾ انداز جو هڪ ٻيو مثال هي آهي:

"سڱ به سڦوران جي پٽ لاءِ ڪرڻ آيو آ ! تينيان سڦوران جو پٽ ڪاوڙ ڪٽي آيو پاڻي پيرڻ، ته رنن کي مشڪري اچي لڳي. جليءَ چوس ڇورا رمون! ماڻهني مري وئي آ ڪ، جو تون پيو پاڻي پيرين مئا، پاڻي ته ماديون پرين! تنهن تي عارب جي ڌيءُ حرمت آهي وڏي

حرام زادي چرچاڻ، تنهن پانجي منهن آهستي چيو "آهي بہ ماديانو هيو وري ڪهڙو مڙس آ، ويل ئي ڦري پيئي آس!" رمون کو ٻڏي ورتو سو ڪاوڙجي ويو. منهن بڇڙو ڪري ڪنواٽي اولاري چيس، "وات بند ڪل نہ تہ هٽين ٿو موتڙو." رنون نہ هجن ها تہ حرمت کي ماري وجهي. حرمت چيس، "موتڙو وجي ماٺهي ڦڏي جي پوٺ تي هڻ، جيڪا پاٽي تي پرائيني مکي کو هٽندين!." (14)

سنڌين وٽ پارن جو وينل متو سگهڙائپ ۽ سونهن سمجهيو ويندو آهي.

"پسي ڳاڙها گل" جو هڪ پئرا مثال طور ڏجي ٿو.

"ائي اها ڳاڙهي چولي، مونڙي جي سٽڻ واري چوري ڪير هئي؟"، "ڪهڙي؟"، "ائي منيس، هي جيڪا سوير ڪا نہ هتي ويني هئي، ڳوري منهن وينل مٿي واري؟"، "ائي ها، ملوڪان ٿي چوين؟ اها اما جنان ڀائيءَ جي ڌيءُ آهي." (15)

مذهبي جنون ۾ قومن ، تاريخ، تهذيب ۽ جاگرافي کان انڪار ڪندڙن، انسانن کي فرقي طبقن ۾ ورهائي نفرتون پکيڙيون. ان موضوع کي بہ پليجي پنهنجي مخصوص اسلوب ذريعي آندو آهي.

ان مان هڪڙو مثال پليجي جي ڪهاڻي "نظريہ اسلامستان" مان وٺون ٿا.

**پيٽر:** برابر، هاڻي پلا آئيندي جي پروگرام تي ڪجه روشني وجهندا؟

قائداسلام: اسان جي آئيندي جو پروگرام سڄي دنيا کي معلوم آهي. انسان ذات کي متحد ۽ منظم ڪرڻ، انسانيت جو شان بلند ڪرڻ ۽ اسلامي تهذيب کي عام ڪرڻ.

پيٽر: انهيءَ سلسلي ۾ ڪي نوس قدم؟

**قائداسلام:** اسان دنيا جي ڪيترن ملڪن لاءِ نظريہ تيار ڪري ورتا آهن ڪن لاءِ ڪري رهيا آهيون. مثال طور نظريہءِ ايران ۽ نظريہءِ افغانستان تيار ٿي چڪا آهن. انهن ٻنهي نظرين جا خواب بہ ڏسجي چڪا آهن ۽ تصور بہ پيش ٿي ويا آهن. هاڻ رڳو آخري منزل وڃي رهي آهي، يعني مظلوم ۽ ڦريل، لٽيل مهاجرن جي هجرت جي. سو عنقريب پاڪستان ۾ رهندڙ اسان جا ماٺهو پنهنجي هم وطن سان فساد شروع ڪرڻ وارا آهن. انشاالله تعالي سال اندر خون ريز دنگا شروع ٿي ويندا ۽ اسان جا "ڦريل، لٽيل مظلومن" جا قافلا رٽيل ملڪن ڏانهن هجرت شروع ڪندا." (16)

سنڌ ۾ زميندارن ۽ پوليس عملدارن جي ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪيترن ئي واقعن کي پنهنجي نرالي اسلوب ذريعي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪري ٿو. اهڙو ئي هڪ ٻيو مثال "سچ جو ڏينهن" ڪهاڻي مان کڻون ٿا.

”جان محمد واري واري سان هڪ هڪ تي هٿ رکندي چيو“ هن لاءِ وڏيري جاڙي خان چيو هو تہ هن کي 110 ۾ ہڏجو. ان لاءِ مون کي ٽيون ڏينهن 50 روپيا ڏنا هئائين. هن جي زال ٺاهوڪڙي آهي. سو وڏيري جي مرضي آهي تہ سال کن ٽريل هجي تہ چڱو. هن رئيس يعقوب خان کي ووٽ ڪو نہ ڏنو هو. ان لاءِ وڏيري جو بار پيل هو. هي پڙوو آهي ۽ جمعدار باگي خان جي سنگتياڻي پين کي ناهي ڏني اٿس. باقي هيءُ هوٽل ۾ نوڪر آهي. مون تي ڪي ٻہ ٽي پئسا رهجي ويا هئس. تنهن لاءِ مون کي روز تنگ ڪندو آهي. ڪالهہ مون سان منهن ماري ڪري ٻيهي رهيو.“ (17)

ڪردارن سان ٺهڪندڙ تلفظ، نج سنڌي لفظن جو استعمال، وڻندڙ ۽ دلچسپ لفظن جو انتخاب ۽ واقعن جو اهڙو سهڻو اندازِ بيان سندس تحريرن کي انفراديت بخشي ٿو.

## 3. ڪردار ۽ ڪردار نگاري:

ڪردار ڪهاڻي جو بنيادي عنصر آهن. ڪردارن جي ذريعي ئي هڪ ليکڪ ڪنهن ڳالھ يا واقعي کي پيش ڪري سگھندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ ڪردار بابت لکي ٿو:

”ڪردارن جو عمل چاهي برو هجي چاهي ڀلو پر اهو انساني فطرت مطابق هوندو آهي تہ جيئن انهيءَ جو اثر پڙهندڙن تي ٿي سگھي.“ (18)

ڪهاڻيءَ جا اهي ڪردار پنهنجي سماج مان ئي ڪنيل هوندا آهن ۽ سماج ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن ان بابت ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

”سنڌي ڪهاڻين جا ڪردار اهڙي تاريخ ۽ سنڌ جي صوفياڻي فڪر، سياسي، سماجي، معاشي، مذهب ۽ پيرپرستيءَ جي نالي ۾ ڦريندڙ لتيندڙ ۽ ناانصافي ڪندڙ کي وائکو ڪن ٿا. سنڌي سماج ۾ جن ڪردارن اره زورائي ڪئي آهي، انهن ۾ زميندار، مذهبي انتهاپسند سوچ وارا، پير پرستي وارا، سياسي جوڙ توڙ جا ماهر، ڪاموڙڪو طبقو اشرافيہ، ڪمدار ڪاراوا، پڙهائڻ بجاءِ ٻارن تي بيجا تشدد ڪندڙ استاد ۽ ڏاڙيل کي خاص اهميت رهي آهي. سنڌي ڪهاڻيڪارن پنهنجن ڪهاڻين ۾ سماج جي اهڙن سمورن ڪردارن جي نشاندهي ڪئي آهي. سماج جو ڪهڙو ڪردار ڇا ڪري رهيو آهي، ان جا ڪهڙا نتيجا نڪري رهيا آهن. ان معاملي ۾ اڪثر ڪهاڻيڪارن جو مشاهدو تيز رهيو آهي.“ (19)

رسول بخش پليجو پنهنجي ڪهاڻين لاءِ هن سماج جا عام ذهنيت رکندڙ ۽ ڪن شعور رکندڙ ڪردارن جي چونڊ ڪري ٿو. جيڪي مختلف سماجي ۽ معاشي مسئلن جي ور چڙهيل آهن، يا ڪي ڪردار پنهنجي جهالت جي ڪري نہ صرف ٻين ماڻهن جي زندگين

ڪي تباهه ٿا ڪن پر غيرت جي نالي تي هو اهڙا ڪڌا ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ بہ اونچو ڳاٽ ڪڻي گھمن ٿا ۽ فخر محسوس ڪندي اهڙو طريقيڪار ايندڙ نسل کي بہ ورثي ۾ ڏين ٿا.

"بختاور "ڪهاڻي ۾ جبار نالي اهڙو ڪردار آهي جيڪو پنهنجي زال کي معمولي ڳالهہ تان بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏي ٿو. ان ڪردار جو هڪ ننڍڙو نمونو ڏجي ٿو:

"مون پڇيو تہ ٻاهر نڪري ڇا ڪندين؟"

"ٻاهر ڪو ضرور ڪو ڏنڊو ڏاڙي ڪبو پر اول گھر جو خيال ڪبو. گھر ۾ زال هجڻ ضروري آهي، زال بنا گھر برباد آهي."

مون چيو."چو نہ ڏيندا؟ هونءَ بہ مون کي ٻين ماڻهن جي ڪاڻ ڪيڻ جي ڪهڙي لوڙهہ آهي؟ منهنجي سوٽ ويٺي آهي اڳينءَ زال جي ڌيئڻ پڙهي پئي، مئٽرڪ پاس ڪئي اٿس. مون اڳي ئي نياپا ڏياري موڪليا آهن تہ ان کي جيڪو ويجهو ويندو، سو پنهنجي سر جو خير نہ سمجهي، ويچارا اڳ ۾ ئي مئل ماڻهو آهن." (20)

اهڙن ڪردارن کي رسول بخش پليجو سنئي انداز ۾ عوام آڏو آڻي سماج جي سڌاري لاءِ ڪوشش ڪئي آهي ۽ ادب براءِ زندگي وارو ڪارج پورو ڪري ٿو.

ٻئي طرف ان ئي ڪهاڻيءَ ۾ "بختاور" جو بهادر ڪردار آهي. جيڪا پنهنجي پيءُ جو بدلو وٺي جبار کي انهي طريقي سان ماري ٿي، جيئن هن سندس پيءُ رحمت کي ماريو هو. پليجي هڪ روايتي ظالم ماحول ۽ بيرحم مڙس خلاف بغاوت ڪندڙ ڇوڪريءَ جي ڪردار نگاري ڀرپور انداز ۾ ڪئي آهي.

ڪردارن جي عملن ۽ ان جي تاثر جي ذميواري ليکڪ ڪردار نگاري ذريعي پوري ڪندو آهي. جيئن سنڌي ادب جو محقق ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

"ڪردار ۽ ڪردار نگاري جي هڪ وصف مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ ڪنهن بہ فرد جي زندگيءَ جي اهڙن منفرد پهلوئن جو بيان ڪجي جيڪي خاص ان جو ئي ورثو آهن. پيشڪش ۾ سماجي حقيقت نگاري (ريئلزم) هجڻ سان گڏ بيان جو خوبصورت انداز هجڻ ضروري آهي، جنهن مان سماج جي مختلف فردن جي زندگي جا نرالا پهلو ظاهر ٿيندا." (21)

پليجي جي ڪهاڻين ۾ "جتي ٻاهہ ٻري" جي "سونا" ۽ "پسي ڳاڙها گل" جي "ملوڪان" جهڙا معصوم ۽ مظلوم ڪردار بہ آهن. جيڪي اسان جي پٽ تي پيل معاشري جي جهالت جي انڌيري ۾ پنهنجو وجود وڃائي ويهن ٿا. اهي ٻئي ڪردار سنڌ جي ڳوٺن جي انهن معصوم نياڻين جي عڪاسي ڪن ٿا جيڪي جيڪڏهن وڏن جي فيصلن کي

قبول ڪن ٿا تہ ڪين چنيءَ ۾ يا بدي ۾ موت برابر زندگي گذارڻ لاءِ چڏيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن فيصلو پاڻ ڪن تہ ڪين واجب القتل قرار ڏنو ويين. مختلف سياسي حالتن ۾ اڻوڻندڙ صورتحال کي منهن ڏيندڙ کي بهادر ڪردار بہ پليجي جي ڪهاڻين ۾ ملن ٿا. جن مان هڪ ”ڪنڊو“ نالي ڪردار ڪهاڻي ”ڏوتي سا ڏورين“ جو مرڪزي ڪردار آهي. جيڪو ڳوٺ جي وڏيري جي ظلم خلاف اٿي کڙو ٿئي ٿو. وڏي اعتماد سان هو هڪ وڏيرڪي نظام جي خلاف هڪ ننيڍڙي جنگ وڙهي ٿو ۽ نيٺ ڪامياب ٿئي ٿو جنهن مان سندس ڳوٺ جي ٻين هارين کي بہ فائدو رسي ٿو. ان ڪهاڻيءَ جو ڪردار ”ڪنڊو“ ڪيئن غريب، هٿين خالي هوندي بہ واڳون جهڙي خطرناڪ وڏيري اڳيان ٿي بيهي رهي ٿو. سندس حوصلي ۽ همٿ افزائي جهڙو ڪردار پڙهندڙن تي اثر ڇڏي ٿو.

اهڙو ئي بهادر هڪ ٻيو ڪردار آهي، جيڪو عورت جو ڪردار آهي ۽ پليجي جي نياڻي (اڳ ڄائي) اختر بلوچ جو حقيقي ڪردار آهي. بلڪي واقعو بہ حقيقي آهي. جنهن ۾ جيجي زرينہ بلوچ ۽ رسول بخش پليجو خود بہ ڪردار آهن.

اختر بلوچ سنڌ جي اها پهرين عورت آهي جنهن کي سياسي سرگرمين جي ڪري جيل موڪليو ويو هو. ”دور ٻيو“ جي عنوان سان هيءَ ڪهاڻي ون يونٽ واري دور جي آهي. جنهن ۾ اختر جا ماءُ پيءُ ٻئي اسپتال ۾ آهن ۽ هوءَ سندن خيال بہ رکي ٿي ۽ ٻاهريان ڪم بہ ڪري ٿي . ڪهاڻيءَ مان هن ڪردار جو هڪ مثال وٺون ٿا.

”پلي مرن، مرڻ ۾ ڇاهي، انسان تہ ٿي مئا، مربو تہ ايئن ئي، پنهنجي قوم لاءِ سر ڏيئي مرجي يا انهن انسانن وانگر سڄي عمر لپ اسٽڪون هڻي، فئشن ڪري، فلمون ڏسي، مانيون پچائي، زنانہ جهيڙا ۽ گلائون ڪري ڪتن وانگر مري وڃجي....“ هن جوش ۽ نفرت وچان ڳاڙهو ٿي چيو.“ (22)

پليجي جي سيني ڪهاڻين جا ڪردار هن ئي ڌرتي جا مختلف سوچ، مختلف رويا ۽ مختلف عمل ڪندڙ عام ڪردار آهن.

وڏيڪ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ ۾ لکيو آهي:

”پليجي جا ڪردار هن جي مشاهدي مان نڪتل آهن. جيڪي پوڙين ٿا ۽ جيڪي ظلم ڪن ٿا. هن جي زبان بہ ڪردار جي حيثيت موجب آهي. هو لاڙ جو آهي ۽ لاڙ جي فطري محاوري کي ضرورت ۽ موقعي آهر اصلي رنگ ۾ ڪم آڻي ٿو.“ (23)

## 4. منظرنگاري:

افسانوي ادب ۾ منظر نگاري جو ڪم ايئن آهي جيئن شاعريءَ ۾ ڪتب آندل مختلف صنعتن جو هوندو آهي. شاعري ۾ جيئن صنعتن جو استعمال حسناڪي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. ايئن نثر ۾ خاص ڪري افسانوي ادب ۾ "منظرنگاري" تحرير ۾ ڪشش پيدا ڪرڻ جو سبب هوندي آهي. منظرنگاري پڙهندڙن کي ان ڪهاڻيءَ سان ڳنڍي رکڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ پڙهندڙ بہ ان ڪهاڻيءَ جو هڪ ثانوي ڪردار ٿي وڃي ٿو جيڪو ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ويهي ان ڪهاڻيءَ جي واقعن کي اکين سان ڏسندو هجي.

عباس ڪوريجو پنهنجي ڪتاب ۾ منظرنگاري کي هيئن بيان ڪري ٿو:

"منظرنگاري دراصل ڪهاڻي بيان ڪرڻ دوران ماحول جوڙڻ يا وقت ۽ پهر ڏيکارڻ لاءِ بيان اندر درج ڪئي ويندي آهي... منظرنگاريءَ وسيلي پڙهندڙ جي ذهن ۾ هڪ خاڪو اڀرندو آهي، جنهن وسيلي اهو پاڻ کي ان واقعي سان ڳنڍيل يا اتي موجود محسوس ڪندو آهي." (24)

هر ليکڪ ، اديب کي پنهنجي وطن سان بيپناهہ محبت هوندي آهي، جنهن جو اندازو سندس تحريرن مان لڳائي سگهبو آهي. جن ۾ هو پنهنجي ديس جون تصويرون ٺاهيندو آهي ۽ پنهنجي خيال مطابق ان ۾ ٺهڪندڙ رنگ ڀريندو آهي. اسان جا اديب پنهنجي قلم سان پنهنجي ڌرتي جا محافظ بڻيا، پنهنجي قوم جا هڏ ڏوکي ٿيا. پنهنجي ٻوليءَ جا سفير ٿيا ۽ ديس جي نظارن جا آرٽسٽ بڻجي ويا. آرٽسٽ بہ اهڙا، جن کي سنڌ جي هر حصي جي نظارن سان گڏ وڻن، جانورن، پکين، ٻوٽن، گلن، گاهن، جيتن وغيره جي مڪمل ڄاڻ آهي. سندن مشاهدو گهرو ٿئي ٿو.

ڀيرين بہ ڳالهہ ڪري آيا آهيون تہ رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين ۾ مقاميت جا رنگ چٽا ڀريل آهن. رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين ۾ منظرنگاري تمام وڻندڙ آهي ۽ خاص طور تي ڳوٺن جي خوبصورت منظرنگاري تازگي بخشيندڙ آهي.

سندس ڪهاڻي "پسي ڳاڙها گل" مان منظر نگاري جو هڪ نمونو ڏجي ٿو:

"وس جا ڏينهن اچي ويا. ملڪ ڦل ڦٽيءَ، مليري، للر، ڇپر ڳنڍيرن جي گڏيل سڏيل خوشبوئن سان هٻڪارجي ڀيا وڻ ٽڻ، ٻرپٽ، رنگبرنگي ويسن سان ڍڪجي ويا. چئو طرف مينهن وساڙا ۽ ماٺهو پکيڙجي ويا. قسمين قسمين، ڪتان ڪتان جا ماٺهو شام جو فضا، چڙن ۽ سنيارڻ جي سرن، ڏراڙن جي تنوارن ۽ ڪانبي جيڏي اوهن وارين مينهن ۽ سندن

ڦرن جي رنيڻ سان گونجي اٿندي هئي. سومهڻيءَ ڪانپوءِ وڏ ڪٻل ۾ ونجهوتيءَ جي سڏن واڪن کي چيري، ڪنهن مولود يا ڪافيءَ جا آلاپ ٻرڻ لڳندا هئا.“ (25)

کهڙي نہ من کي سرهو ڪندڙ منظرنگاري آهي! جيڪا پڙهندڙن تي هڪ وڻندڙ تاثر پيدا ڪري ٿي.

ڳوٺاڻي ماحول جي گهري مشاهدي جو مثال آهي اها منظر نگاري جنهن ۾ رسول بخش پليجي پنهنجي ڪاريگريءَ سان وڏيڪ سونهن بخشي آهي.
اهڙو ئي هڪ ٻيو مثال هي آهي.

”وقت گذرندو رهيو وري بہ وس آئي وري بہ ماڻهو مڙيا. وري بہ برن پٽن مان هٻڪارون اٿيون. وري بہ چڙا ٻريا ۾ مال جون تنوارون ٿيون. چنگ ۾ نڙ جي سريلي لهرن تي ڪافين ۾ ڏوهيڙن جا آلاپ ترڻ لڳا. وري بہ ڳوٺ جون جوان دليون مست ٿي پيون. گسن تي شوخ ۾ پراسرار جملن جون ڏي وٺون ٿيون، عجيب اشارا ٿيا. تنهن کي وڏيڪ عجيب جواب مليا، انجام ٿيا. شڪ جاڳيا الزام گهڙيا، آگريون کڄيون، پٽڪات ٿيا. وچ وارا آيا، پويان چاري هليا. پير ڪنيا، ويساه مليا، ڪانبن جيڏن اوهن واريون مينهون ۾ ڳاڙهيون رتيون ڳئون اوڳاريندريون رهيون. ڦر ريائي ڪندا ٽپندا ڪڏندا رهيا، ڳاڙهن، گلابي هيڊن، واڱڻائي ڪپڙن جا پلاند هوائن ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندا رهيا.“ (26)

اديب يا ليکڪ ٿيڻ لاءِ صرف ٻوليءَ تي عبور هجڻ ڪافي نہ آهي پر ليکڪ وٽ پنهنجي چوڌاري موجود هر شيءِ، جڳهہ، شهر، ماڻهو ماحول ۾ مختلف شعبن جي ڄاڻ بہ لازمي آهي. مثال تحرير ۾ ڪو ڪردار پوليس وارو وڪيل، سياستدان، استاد، سائنسدان يا ڪو رانديگر وغيره آهي تہ ليکڪ کي انهن سيني شعبن جي باري ۾ چڱو علم هجڻ ضروري آهي تڏهن ئي هو ان ڪردار سان انصاف ڪري سگهندو.

پليجي جو مطالعو تہ تمام وسيع آهي پر ان سان گڏ هن جو تعلق سياست، وڪالت جي ڪري پوليس ۾ صحافت وغيره جهڙن شعبن سان بہ رهيو آهي. سندس عملي زندگي ۾ مشاهدي جا ڪجهہ وڏيڪ مثال ڏسون ٿا.
”وڍيو هئين تہ ويه“ ۾ جيل جي ماحول جي منظرنگاري هيئن ڪئي اٿس:

”هڪ دروازو کليو ۾ اسين بہ سئو کن سي ڪلاس قيدين سان پريل هڪڙي شاهي اڱڻ ۾ داخل ٿياسون. اڱڻ اندران هڪ کليل جيل بلڪي هڪ اسپتال پئي لڳو. قيدي ننڊين، اداس، ماتمي ٽولين ۾ ورڇيا،اگهاڙي پٽ تي ويٺا هئا. اسان کي ڏسي سڀ دروازي ڏانهن وڌي آيا...

جڏهن اسان جون نظرون سندن قاتل مٿن، سڄي بند ٽيل ٽنگن، چچريل منهن ۽ بدن ليڙون ليڙون ۽ مٽيءَ ۾ پيوت ٽيل ڪپڙن ۽ اگهاڙن پيرن تي پيون. جڏهن لنين ۽ ڳوڙها آٽينداڙ گئس جي دونهن، لانگ بوٽن، رائفلن جي ڪنداڪن، گپ ۽ پاڻيءَ ۾ لتاڙيل چيپاتيل ۽ چچريل نوخير انساني جسمن جي تصويرن ذهنن تي حملو ڪيو. تڏهن پنهنجن جذبن تي قبضو رکڻ مشڪل ٿي پيو.“ (27)

رات جو ٿڌڙي ٿڌڙي هوا ۽ آسمان جي چمڪندڙن چنڊ تارن وارو منظر هر ڪنهن کي وڻندو آهي. ڏسون ٿا پليجي ان منظر کي ڪيئن بيان ڪيو آهي:

”رات جو سائين بخش جي گهر جي اڱڻ تي ليٽيو پيو هوس، سرءُ جي پن ڇڻ شروع ٿي وئي هئي. هوا جي جهوٽن تي سڪل پنن کڙکڙ پئي ڪئي، چانڊوڪي رات هئي، آسمان صاف هو رڳو ڪنهن ڪنهن محل ڪا اڪيلي رولاڪ ڪڪري الائي ڪٿان رلندي اچي ٿي نڪتي ۽ پل لاءِ اک ٻوٽ ڪري وري گم ٿي ٿي وئي. آءٌ ننڊ ٻدران سوچن ۽ يادن جي دنيا ۾ گم هئس.“ (28)

سج لٿي جو پهر خاموشيءَ جي علامت آهي. مردن ۽ عورتن جي ڪمن جي پڄاڻيءَ جو وقت آهي. هرڪو پنهنجي وڃڻ جي ڪندو آهي سج وانگر. سج به ان وقت شعلا ڪيندڙ پيانڪ ۽ تمام وشال نظر اچڻ ٻدران نارنگي يا ڳاڙهي رنگ ۾ ڇڻ مانيٽو ٽڪل ۽ خاموش نظر ايندو آهي.

ان پهر کي وري پليجو هيئن بيان ٿو ڪري:

”شام جا پاڇا لڙي چڪا هئا. ٻيلي جي گهاٽن ٻبرن جي وڻن تي آکيرن ڏانهن واپس موٽندڙ پکين جي چر چر تيز ٿيندي ويئي. ڏکڻ طرف درياهه ۾ مهاڻن جون ٻيڙيون واپس پئي موٽيون. هڪڙي تنبي وارو درياهه جو ڪپ ڏيو اچا به اولهارو پئي ويو. هنجن جي هڪڙي قطار اچي ڪپ تي لٿي، جيسيتائين نظر وئي ٿي تيسيتائين رڳو درياهه هو.“ (29)

ڪهاڻي ”ٻيو دوءِ“ ۾ پليجي اسپتال جي منظرنگاري ايئن ڪئي آهي جڻ سندس تصور ڪيس ان اسپتال مان اٿاري هتن کان وٺي اصلي فڪري دنيا ۾ وٺي ويا هجن جتي غلاميءَ خلاف لڙائي جاري آهي، ان جو مثال هي آهي:

”ٻاهر اونده هئي، پريان وڻن جي پنن جي هلڪي سر سر جا پڙڪاٽ پئي آيا، واري واري سان سهڻي لطيف ۽ اياز جو ڪلام پڙهجي رهيو هو. ايئن ٿي لڳو جڻ ڪمري نمبر ڇهه، وارڊ نمبر چوڏهن مان سڄي ايل.ايم.سي اسپتال مان سموري سنڌ مان سپ مرض ۽ بيماريون ڏوبي رهيون هيون، ماٺهو هنڌ ۽ بسترا ڇڏي، گهرن جون ڪنڊون ڇڏي، گام ۽

گهٽيون ڇڏي، مڙي سڙي ولر ۾ ٽولا ڪري، قطارون ٺاهي، لشڪر ٺجي مست ٿي نچندا ، ٽپندا، ڳائيندا، ظلم ۽ قهر جي ڪوٽن تي غلاميءَ جي مورچن تي نڪري ڏوڪي جي ديوارن تي هلائون ڪرڻ لاءِ لهرون لهرون ٿي وڌي رهيا هئا.“ (30)

پليجي جي ڪهاڻين جي منظرنگاري تمام وڻندڙ ۽ دلڪش آهي.

## 5. مڪالما:

ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي ڪيل گفتگو يا ڳالهه ٻولهه کي مڪالما (ڊائلاگ) چئجي ٿو. عباس ڪوريجو پنهنجي ڪتاب ۾ مڪالمن بابت لکي ٿو:

”مڪالما ڪنهن به ڪهاڻيءَ جي جان ٿين ٿا. ڪهاڻين جي هيئت جي لحاظ کان هڪڙو قسم ڊائلاگ ڪهاڻي پڻ آهي.

مڪالمن ذريعي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن توڙي پلاٽ کي واضح ڪيو ويندو آهي. مڪالما ٻن ڪردارن جي وچ ۾ يا هڪڙي ئي ڪردار جي ذهني ڪيفيت ڏيکارڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن.“ (31)

رسول بخش پليجي جون گهڻي قدر ڪهاڻيون بياني صورت ۾ آهن. مڪالما تمام گهٽ اٿس. اهڙين ڪهاڻين ۾ ”اچ آڳڙيا آئيا“ ”وڃيو هئين ته ويه“، ”بختاور“، ”پسي ڳاڙها گل“، ڪرش نگر جي ڪنوار“، ”ثمينه خاتون جا دعويدار“، ”خورشيد بيگم پوليس جاچ ۾“، ”سانگوٽا ۽ ستيون“ ”ڏوٽي سا ڏورين“، ”ڪئٽرائين دنيا جو سير ڪيو“، ”شاهي مهمان ۽ سيفٽي ايڪٽ“ شامل آهن. انهن مان اڪثر ڪهاڻين جو بيان ”ضمير متڪلم“ ۾ آهي. يعني اهڙو بيان جڻ ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هجي يا ڪهاڻيءَ ۾ مرڪزي ڪردار ليکڪ پاڻ هوندو آهي.

الهداد ٻوهيو به لکي ٿو:

”هنن حالتن ۾ پليجو پاڻ کي هڪ ڪردار جيان پيش ڪري ٿو. گهڻو ڪري هر هڪ سياسي ڪهاڻيءَ ۾ هو ڪٿي وڪيل آهي ڪٿي قيدي ته ڪٿي هو پنهنجي تحريڪ جو باني ۽ پرچاڪ. پر هر حالت ۾ هو سچو راوي آهي.“ (32)

سندس ڪهاڻين جي مڪالمن ۾ اختصار گهٽ اٿس. پر ڪردار گهڻو ڪري ڊگهي ڳاله ڪن ٿا. مثال:

”مون کي ڇڏي ويو؟ نه. ماٽن سان ملڻ ويو. نه! مون کي ضرور ٻڌائي وڃي ها. واٽ ۾ ڪنهن بگهڙ... نه نه، متان ڪنهن موٽر يا ڪنهن لاريءَ هيٺان... رب منهنجا، منهنجا

مالڪ خير سلامتيءَ سان آڻيس. آءُ پڇندي سانس بہ ڪا نہ تہ ڪٿي هئين؟ مون کي ماري چڏ پر ڪيس موٽائي آڻ. مون اڪيلي جي آڌار کي، منهنجي سر جي تاج کي موٽائي آڻ. مون کي ڏوهن جي سزا ڏي، بيمار ڪر، جڏو ڪر انڌو ڪر، لولو ڪر پر هن کي ورائي مون کي ڏي. مون بي پرواهہ کي پرديس ۾ ڇورو متان ڪرين منهنجا مولا...." ڪيس روئندي، ٻاڪاريندي ٻيو ڏينهن بہ گذري ويو." (33)

ان ئي ڪهاڻيءَ مان هڪ ٻيو مثال ونون ٿا:

"ادا تون منهنجو امان جو پٽ ڪو نہ آهين! سٺو ادا ڪو نہ آهين! آءُ تنهنجي ننيڙڙي ڀيڻ ڪا نہ آهيان! جنهن کي تون سدائين ڪلهي تي کڻي گهمائيندو هئين. جيڪا تنهنجي آڱر جهلي، ڦڏڪ ڦڏڪ ڪري، تنهنجي پويان ماسي حاجران جي گهران لسي وٺڻ هلندي هئي، جيڪا وڏي ٿئي تہ توکي پنهنجي خرچي مان گڏ ڪيل پئسن مان پٽ ۾ ٽنگ ڪري چار چار آنا ٻيڙين لاءِ ڪڍي ڏيندي هئي، جيڪا امان مري وڃڻ کانپوءِ توکي تولر ڪيندي هئي، ڪپڙا ڌوئي ڏيندي هئي، جنهن کي تون وڏيري جاڙي جي ڏيءُ جنان ڏانهن نياپو پهچائڻ لاءِ موڪليندو هئين. جيڪا تو تان راڳ ڪيڇيندي هئي."(34)

ايترن ڊگهن مڪالمن سان ڪهاڻيءَ جي تسلسل تي اثر پوي ٿو. پر پوءِ بہ ڪٿي ڪٿي سندس مڪالما تمام طويل ٿي وڃن ٿا.

هڪ ٻيو مثال ونون ٿا.

"سڦوران جي چرئي گهچ پٽ کي ڪير ڪٿي جو ٻچو بہ نٿو ڏئي، تنهن کي وري آمي ڏيءُ بدو ڏئي تہ ياقب خان سيج چڙهي! ٻيو سجو راڄ ويو ٻاقي آمي نڏڪي سيني کي سولي تي هٿ آئي آ، سپ ڪو ڏاڙهہ ڏڪائيندو اچي، حاجي جمعي پانجي ڏيءُ لا تپيدار جوڪنيو هٿ ڪيو، عارب ڏڪر جون ڪار منهنيون ڏيون تخت ڏجاڻيون ٿين. باقي آميءَ جي ڏيءُ کي چريون بلائون مٿي ۾ هٽڻ لاءِ تورا ٿي اچي بينا آن. خدا ڪا مئن جي ٻچن ۾ رڙ وجهي، پانجي ڄاين ۾ لهن. مون غريب جي واهيءَ جي پنيان اچي پيا آهن." (35)

ڪٿي ڪٿي مختصر مڪالمن جو استعمال بہ ڪيو اٿس. ضرورت مطابق ڪٿي ڊگهن ڪٿي مختصر مڪالمن کان ڪم ورتو اٿس. سندس ڪهاڻيءَ جي سڏي ۾ مختصر ڳالهہ ٻولهہ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"هن کان پڇيم: "ڇا ۾ آيو آهين"

"گيرت ۾"

"ڪنهن کي ماريئہ؟"

”زال کي“

”ڪئي ڪنهن کي“ ؟

”نہ“

”سزا گهڻي اٿئي“ ؟

”بس سائين چٽڻ وارا آهيون! آءٌ جي اڇٽو آهي. ان ۾ مهينا معافي ڏني ۽ ٻي ڪا ٻوڙ سوڙ جي ۾ چار مهينا معافي ملي تہ پاڻ ٻاهر آهيون“.

”ڪل سزا گهڻي مليئي؟“

”اڍائي سال. تنهن مان سال سوا ڪاٽيو اٿم. ٻي معافي آهي بس اوهان جي دعا سان ٻاهر وينا آهيون!“ (36)

هڪ ٻيو ننڍڙو مثال:

”يوسف لغاري... يونين جو صدر؟“

”ڪل گهڻا؟“ مون پڇيس.

”207“ هن وراڻيو

”زخمي گهڻا“

”سڀ“

”سخت“

”گهڻي ڀاڱي“ (37)

جيتوڻيڪ ”پسي ڳاڙها گل“ ۽ ”بختاور“ ڍگهيون ڪهاڻيون آهن پر سندس مڪالمن ۾ اختصار ناهي، بلڪي مڪالمن جو استعمال ئي گهٽ ڪيل اٿس. ان هڪ نقطي کي ڇڏي سندس ڪهاڻيون باقي سڀني فني ضرورتن کي پورو ڪن ٿيون.

## 6. ٻولي:

ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا ٻہ پاسا هوندا آهن هڪڙي بياني ٻولي ٻي ڪرداري ٻولي. بياني ٻولي ليکڪ جي پنهنجي ٻولي هوندي آهي جيڪا ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ ۽ ان ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبي آهي. جيئن نظارن جي منظرنگاري، شخصي منظرنگاري ۽ ڪهاڻيءَ ۾ نوان رخ يا موڙ آڻڻ وغيره. ڪرداري ٻولي مڪالمن جي صورت ۾ هوندي آهي، جنهن جو ذڪر پهرين ٿي چڪو آهي.

ليڪڪ ڪي ٻولي تي عبور هئڻ سان گڏ مشاهدي جو به پڪو هئڻ گهرجي ته جيئن ڪردار مطابق ٻوليءَ جو استعمال ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪردار لاڙ اتر يا وچين سنڌ جو آهي ته ان جي ٻولي به ان علائقي جي هئڻ گهرجي.

رسول بخش پليجي کي سنڌيءَ کان علاوه نَوَن (09) ٻولين تي عبور حاصل آهي. سنڌي ٻوليءَ تي ڪيس ڪيتري مهارت حاصل هوندي ان جو وڏيڪ اندازو سندس لکڻين مان به ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين جي ٻنهي مجموعن ۾ ٻولي عام فهم استعمال ٿيل اٿس، ڪردارن تي ٺهڪندڙ ٻوليءَ جو استعمال ڪيو اٿس. ان باري ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي هيءَ راءِ آهي ته:

"مصنف ڳالهه ٻولهه جي هنر جو وڏو ماهر ٿو ڏسڻ ۾ اچي هر ڪا ڪهاڻي هو گفتگو جي فن جي مدد سان اپاري ٿو. هن جا ڪردار سڌي سنواتي ۽ عام فهم اها زبان ڪم آڻين ٿا جيڪا سندن اوسي پاسي هر ماڻهو ڳالهائي ٿو. هن طرح مصنف پنهنجي ڪهاڻين جي مدد سان پنهنجن ڪردارن جي باري ۾ باريڪ ترين معلومات به مهيا ڪري ٿو سگهي."(38)

پليجي جي ڪهاڻين جي ٻوليءَ ۾ هيٺين خوبين کي جاچيون ٿا.

*. لهجو
*. تشبيهون
*. استعارا
*. شاعريءَ جو استعمال
*. لفظن جو انتخاب

## لهجو:

سنڌ جي هر ڀاڱي جي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان انفراديت آهي. ثقافت، ريتن، رسمن کان ويندي ٻوليءَ جي لهجن تائين علائقي جي آبهوا، موسم ۽ پيداواري وسيلا وغيره به ٻوليءَ جي لهجي ۾ تبديلي آڻين ٿا. ان جي بهتر سمجهاڻي علي نواز جتوئي جي لفظن جي مدد سان ڏيئي سگهجي ٿي.

"جنهن حد تائين اتان جي رهاڪن جي ٻولي بنان ڦير ڦار جي چالو هجي انهي حد تائين ٻوليءَ جو هڪ محاورو (لهجو) سڏبو. جنهن حد کان ٻوليءَ ۾ ڪجهه ڦيرو معلوم ٿئي، انهيءَ حد کان ٻوليءَ جو ٻيو محاورو سڏبو." (39)

رسول بخش پليجي وٽ گهڻو ڪري ٻه ئي لهجا ملن ٿا. هڪ لاڙي ٻيو معياري، شهري يا پڙهيل لکيل ڪردار معياري لهجو ڳالهائين ٿا. جيڪو اڄ به اسين ۽ اسان جي آس پاس ماڻهو استعمال ڪن ٿا.

## مثال:

”اسان جو پاڻ ۾ وڏو واسطو اهو آهي جو اسين غريب عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ پاڻ ۾ گڏ آهيون ۽ پنهنجي هڪڙي جماعت ”سنڌي هاري ڪميٽي“ ٺاهي اٿئون. ان جو ڪم آهي غريبن کي سجاڳ ڪري، کين ڇر پر ۾ آڻي، سنڌن ٻڌي ڪرائي، سنڌن هٿان مڙسيءَ واري ڊگهي ۽ ڏکي هلچل هلرائي، ملڪ کي وڏيرن، سرمائيدارن جي انڌيرنگريءَ مان آزاد ڪرائي، اسين ڪوشش ڪنداسين ته پنهنجي عقل ۽ سمجهه آهر اوهان جو صحيح ۽ واجبي فيصلو ڪريون.“ (40)

علي نواز جتوئيءَ جي ڳالهه وانگر ته ”هر شخص جي ٻوليءَ جو طريقو بلڪل پنهنجو ۽ نرالو هوندو آهي.“(41)

ايئن ئي پليجي پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل مرد ۽ عورت جي ٻوليءَ ۾ فرق رکيو آهي، سنڌس ڪهاڻيءَ ۾ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي شخص جو تلفظ هيئن بيان ڪري ٿو.

”سائين اسان گريب ماڻهو وڪيلن ٻڪيلن مان ڇا ڄاڻون؟ بس ڪورٽ ۾ گهڙڻ شرط هٿ ٻڌي جج کي چيم، ”سائين، مسلمان آهيون، تخت سليماني تي ويٺو آهين. سونو قلم هٿ ۾ اٿئي. ڪجهه مڙيئي گيرتڙي آهي، توسان ڪوڙ ڪونهي، گيرت ۾ ڏوهه جو ڏوهاري آهيان، بي گيرتي برداشت نه ٿي سگهي. خطا ٿي پئي. توکي جيڪا انصافي انصاف سزا ڏيڻي آهي، سا ڀلي ڏينم“ هو به مڙس هو گيرتي ۽ انصافي، تنهن چيو ”هل پٽ اڊائي سال!“ (42)

ٻيهرين به ذڪر ڪري چڪا آهيون ته پليجي وٽ ڳوٺاڻي عورتن جي ٻولي نج ۽ اصلوڪي آهي ۽ اها ٻولي ايتري ته پر اثر آهي جو پڙهندڙ ان کي بلڪل حقيقي محسوس ڪري ٿو. ان جو هڪ دلچسپ مثال هي آهي:

”هڪڙي ڏينهن غوثوءَ جي زال سومل گج کڻي آئي، ملوڪان ۽ ماڻس ويٺيون هيون. ”مايون گج وٺنديون؟ موئي پناڻ ڪان پر ڪپڙا ورتا هئم، سو هاڻ ڏنڊو کڻي اچي در تي بيٺو آهي. 50 جو آهي. آئين کڻي 40 ڏيوم. 4 تولا ته رڳو مقيس لڳو اٿس“ هوءَ گج

اٿلائي ڏيکارڻ لڳي. ستارن ۾ ٽڪن جي جرڪ جرڪ ملوڪان جي دل ۾ ڪٽڪتايون ڪرڻ لڳي.

”نہ ادي اسان ڪي ڪو نہ ڪپي ....... ۾ اسان جو جمعو اجا پلي مچي مڙس ٽئي.“ ماٽس ظاهري طرح بي تعلقيءَ سان چوڻ لڳي.

”ڪو مائي؟“ سومل بگڙي وئي, ”هيءَ ملوڪڙي مومل جا وينئي آني! ان ڏوهہ ڪيو ڪ“, ”ان جو بہ ڪو گس تہ ٽئي, اجا مون وٽ وينئي آهي“, ”لئي مائي, نالي الله جي, هاٽي چڏ منهن جي پڪائي!“ (43)

پليجي جي ڪهاڻين ۾ ماڻهن جي ڳالهائڻ جي فطري انداز جي خوبصورت بيان مان سندس گهري ۽ وسيع مشاهدي جو انداز لڳائي سگهجي ٿو.

## تشبيهون:

تشبيهن جو استعمال ٻولي ۾ بيان ۾ وڌيڪ رنگيني ۽ دلڪشي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. تشبيهہ جي معنيٰ ظفر عباسي پنهنجي ڪتاب ۾ هيئن ڏئي ٿو:

”تشبيهہ جي لفظي معنيٰ آهي مشابهت ڏيڻ, ڀيٽ ڪرڻ, مقابلو ڪرڻ ۽ اصطلاحي معني آهي, هڪڙي شيءِ سان ڪن صفتن ۾ مقابلو ڪرڻ.“ (44)

رسول بخش پليجي پنهنجي ڪهاڻين ۾ تمام متاثر ڪندڙ ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي, جنهن ۾ فني لوازمن جو پورائو ڪندي سڀ خوبيون نظر اچن ٿيون. ڪهاڻين ۾ سندس ڪتب آيل تشبيهن جا ڪجهہ مثال هي آهن.

* ”صبح جو سڄو شهر چڻ ڏينهن جو مانارو ٻڌجي ويو.“ (45)

* ”ملوڪان ڪي ايئن لڳو جڻ تہ ڪو مهربان ملائڪ آسمان مان لٿو آهي“ (46)

* ”۽ وري ڪنهن ناز اپريل نهار ۾ سرهين سرهين ڪارين ڪارين ريشمي چڳن جي داستان ڪانسواءِ دوستن جي محفل بہ جڻ ڪنهن ٽٽل سرندي وانگر بي سري پئي لڳندي آهي.“ (47)

* ”جيسيتائين هوءَ مٿين درجي ۾ آئي تيسيتائين هوءَ تہ سيني نوجوان ڇوڪرن لاءِ جڻ لازمي درسي ڪتاب ٻڌجي وئي.“(48)

* ”گريس ڪنهن جوڳيءَ جي منتر ۾ قاتل انسان وانگر چپ چاپ سندس پويان سندس گهر هلي وئي.“ (49)

* ”گهوڙي وانگر تيزيءَ سان آيل بيماري جونءَ وانگر آهستي سرندي موٽ ڪائي رهي هئي.“ (50)

## استعارا:

جيڪي لفظ تشبيهه طور استعمال ٿيندا آهن، انهن ساڳين لفظن کي استعاري ۾ بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿو. پر ٻنهي جي استعمال جو طريقو مختلف آهي. ان حوالي سان ظفر عباسي لکي ٿو:

”استعاره جي لفظي معني آهي ”اڌارو وٺڻ“ اصطلاح ۾ جيڪو قرينو يا خاص تعلق حقيقت ۽ مجاز جي وچ ۾ هوندو آهي، سو جيڪڏهن تشبيهه جهڙو هوندو ۽ تشبيهه جو ڪو بہ لفظ ”جهڙو“ ، ”وانگر“ ، ”مثل“ ، ”جيان“ وغيره منجهس نہ هوندو تہ استعارو چئبو.“ (51)

مثال ڏجي ٿو:

هيءُ شينهن جهڙو بهادر آهي. (تشبيهه)

هيءُ شينهن آهي. (استعارو)

رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين ۾ مختلف هنڌن تي استعارن جو چڱو استعمال آندل آهي. جن مان ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

”منهنجي اکين مان ڳوڙهن جو بند ٽٽي پيو.“ (52)

”پور چوگيز پريءَ جي قلب جو ڪوٽ ايڏي لمبي ۽ مسلسل گهيري جو تاب جهلي نہ سگهيو.“ (53)

## شاعريءَ جو استعمال:

ادب جي خوبي آهي تہ ان ۾ مقصد سان گڏ دلچسپي جو باعث ڪجهه اهڙيون شيون بہ هونديون آهن جيڪي تحرير جي تاثر کي وڌيڪ سگهارو بڻائينديون آهن. ڪو واقعو يا قصو تہ اخبار ۾ بہ لکيل هوندو آهي پر ادب ۾ ان واقعي کي احساسن سان گڏ ۽ اثرائتي انداز ۾ لکيو ويندو آهي. پوءِ هر اديب جو پنهنجو اسلوب هوندو آهي.

رسول بخش پليجي پنهنجي ڪهاڻين ۾ جان وجهڻ لاءِ گهڻن ئي خوبصورت عنصرن جو استعمال ڪيو آهي، جنهن مان هڪ آهي ”شاعري“. پليجي جي ڪجهه ڪهاڻين جو (ڪلائميڪس) اختتام شاعري سان ٿئي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي وچ ۾ ڪي شعر ڏنا اٿس.

ڪهاڻي ”سانگوٽا ۽ ستيون“ جو اختتام هڪ شعر تي ٿئي ٿو. ان ڪهاڻيءَ جو آخري ٽڪرو مثال طور ڏيون ٿا.

”زال دلداري ڏئي ويندي رهي ۽ آءٌ هي شاهه جو بيت جهونگاريندو وچي ڪٽي تي ليٽيس:
سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
ڇلر جي ڇوئين، تن سانگوٽا ۽ سٽيون.“ (54)
ڪهاڻي ”دوُر ٻيو“ ۾ شيخ اياز ۽ شاهه لطيف جي شعرن کي پليجي هيئن مناسب جڳهه ۽ انداز سان بيان ڪيو آهي.
”پيئي جنين باس گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي لوڪ لباس، لوچي لاهوتي ٿيا.“
سڄو سر پورو ڪري پڇيائين، ”هاڻ وري اياز ........ ائن؟“
”ها“
ڪتاب تہ گهر رهجي ويو ياد ٿا پڙهون ٻهريائين تون هو ٻڌاءِ ”اسين ننڊ جا نيڻ آهيون پرين!“
”اسين ننڊ جا نيڻ آهيون پرين،
ستي ساهه جاڳي وچي دور دور
ستارا لتاڙي اسان جو شعور....
جڏهن موٽ کائون
سوين راز آڻيون
سيوين ساز جي لاءِ آواز آڻيون
سوين چنڊ چايون،
ستارا تڳايون
انهن سان اڇي جڳ سڄو جڳمڳايون،
اسين ننڊ جا نيڻ آهيون پرين
اسين جاڳ جا پاڳ آهيون پرين.“
ٻاهر اونده هئي، پريان وڻن جي پنن جي هلڪي سر سر جا پڙڪات پئي آيا. واري واري سان سهڻي لطيف ۽ اياز جو ڪلام پڙهجي رهيو هو....
”او شال عقابن سان اڪان
مان وار ٿي واهر جي
ٿي ساري سنڌ اياز نچي
ڇا ڇم ڇم آندئي ڇيرن جي!“

”ڏونگر ڏکوين کي ٽپي ڪندين ڪوهه،
تون جي پهڻ پٻ جو تہ لڳ بہ منهنجا لوهه
جنهن چوريءَ ۾ چوهه سا پٽون ٿيندي پير تي“.
۽ ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي هيئن ٿئي ٿي.
”سسٽر زرينہ سئي هڻڻ لاءِ گهڙي آئي.
هينئر اختر تڪڙي تڪڙي ڪيڏانهن پئي ويئي؟“
”جيل“ ماڻس سنجيدگيءَ سان چيو
سسٽر منهن تڪيندي رهجي ويئي
شاهه جو بيت اپري اکين اڳيان اچي بيٺو:
”پيئي جن پروڙ گنجي ڏونگر گام جي،
چڏي سپ ضرور، لوچي لاهوتي ٿيا!“ (55)

## لفظن جي چونڊ:

هونئن تہ پليجي جون ڪهاڻيون عام فهم ٻوليءَ ۾ لکيل آهن پر جن ڪهاڻين ۾ ڳوٺن جي ماحول جو عڪس آهي، انهن ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ ڪتب آندا اٿائين. جيئن ”ڪجاڙو“ ”ڏاڏر“ ”اونرو“ ”ٻڙڇ“ ”ماندان“ وغيره جهڙا ٻيا بہ ڪيترائي لفظ.

ڪٿي ڪٿي ڪهاڻين ۾ پليجي اهڙن تہ خوبصورت لفظن جي چونڊ ڪئي آهي جو اهي جملا دل کي ڇهي وڃن ٿا. اهڙن جملن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو.

* ” ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ ۾ گم، هر شيءِ ۾ موجود، هر شيءِ کان بي نياز، هوائن ۽ موسمن، سج ۽ چنڊ، زندگيءَ ۽ موت کي پنهنجي نازڪ مٺين ۾ بند ڏسندي، خيالن جي ڪڪر تي پير رکي، خوابن جي دنيا جي نامعلوم آسماني ٻيٽن جا سير ڪندي رهي.“ (56)

* ”انارڪلي ۽ جهانگير واري لاهور اصل کان عاشقن جي جنت آهي. راويءَ جو ڪنارو، شاليمار باغ، انارڪلي، مال روڊ، بي انداز ڪشادا ۽ دلفريب پارڪ جڻ آهن ئي پيار ۽ محبت جي رنگين افسانن کي خلقڻ يا نيائڻ لاءِ.“ (57)

* ”سڄو فيبروريءَ جو مهينو اها سنگين لڪ لڪوٽي راند هلندي رهي. هنن ٽن انسانن جي تقدير جي ٽرين، پيار ۽ حسد جي پڙڪندڙ ٻارڻ تي طوفاني رفتار سان ڊوڙندي رهي. نيٺ هڪڙي ڏينهن اها پٽڻ تان لهي وئي.“ (58)

* ”هن گريس جي نسلي غرور ۽ نماڻي حسن جي ڪڪرن سان گسندڙ چوٽين کي فتح ڪرڻ جي مهم شروع ڪري ڇڏي.“ (59)

رسول بخش پليجي جي ٻولي نهايت پختي، اصلوڪي ۽ وڻندڙ آهي ۽ سدا شاهڪار ٻولي آهي. نہ صرف ٻولي پر پليجو سيني فني ضرورتن کي سهڻي نموني پورو ڪرڻ ڄاڻي ٿو. جامي چانڊيو هڪ هنڌ لکي ٿو:

”افساني جي هن باڪمال رڻا ۽ ان جي ايڏيءَ پر اثر پيشڪش پنيان افسانہ نگار جو وسيع ۽ پختو مشاهدو ۽ حقيقت آفرين انداز بيان ۽ ٻوليءَ تي سندس ڪامل دسترس ڪار فرما آهن.“ (60)

پليجي کي ٻہ سنڌي ٻولي جي سمورن لهجن تي ڪامل دسترس حاصل آهي ۽ ڪهاڻين ۾ سندس ڪتب آندل ٻولي ادبي حسناڪي سان ڀرپور آهي.

## حوالا:


1. سنڌي عبدالمجيد ميمڻ، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، روشني پبليڪيشن، 2002ع، ص. 196
2. انصاري اشتياق، ”انيس انصاري، فن ۽ شخصيت“، ڇاپو پهريون، اپريل2008ع، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد .
3. ساڳيو.
4. سنڌي يوسف، سنڌي ادب، سچائي اشاعت گهر، 2011ع، ص. 170
5. چانڊيو جامي، (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، ”تنقيدي ۽ تخليقي ادب“ سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 505
6. ساڳيو ص . 553
7. ساڳيو ص . 637
8. ساڳيو ص . 644
9. عرساڻي شمس الدين، ”سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ“ اوسر پيڙهڪا اشاعتاڻو، 2009ع، ص. 350
10. عرساڻي شمس الدين، آزادي کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع، ص.285

11. چانڊيو جامي، (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 245
12. ساڳيو ص . 539، 538
13. پليجو رسول بخش، "پسي ڳاڙها گل" نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1991ع ص. 13
14. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 541
15. ساڳيو ص . 555
16. ساڳيو ص . 587
17. ساڳيو ص . 591
18. پناڻ غلام حسين، سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع، ص. 68
19. ڪاڪا ڊاڪٽر نواب، "سنڌي ڪهاڻي ۾ ڪردار هڪ اڀياس" روشني پبليڪيشن، 2017ع، ص. 19
20. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 515
21. ڪاڪا ڊاڪٽر نواب، "سنڌي ڪهاڻي ۾ ڪردار هڪ اڀياس"، روشني پبليڪيشن، 2017ع، ص. 27
22. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 659، 658
23. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار "سنڌي ادب جي تاريخ" (ڀاڱو ٽيون) سنڌي لئنگوئج اٿارٽي، 2006ع ، ص. 92
24. ڪوريجو عباس، جديد سنڌي ڪهاڻي، فن ۽ موضوع، ڪنول پبليڪيشن قمبر، 2015ع، ص. 41
25. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 558
26. ساڳيو ص . 565
27. ساڳيو ص . 502
28. ساڳيو ص . 507، 506

29. ساڳيو ص . 569
30. ساڳيو ص . 660
31. ڪوريجو عباس، جديد سنڌي ڪهاڻي، فن ۽ موضوع، ڪنول پبليڪيشن قمبر، 2015ع، ص. 28
32. پليجو رسول بخش، "پسي ڳاڙها گل" نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1991ع ص. 15
33. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 574
34. ساڳيو ص . 577، 576
35. ساڳيو ص . 535
36. ساڳيو ص . 511، 510
37. ساڳيو ص . 502، 501
38. پليجو رسول بخش "پسي ڳاڙها گل" نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1991ع ص. 14
39. جتوئي علي نواز "علم لسان ۽ سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1996ع، ص. 136
40. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 495
41. جتوئي علي نواز "علم لسان ۽ سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1996ع، ص. 136
42. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 511
43. ساڳيو ص . 563، 562
44. عباسي ظفر "سنڌي ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون" سنڌي لئنگوئج اٿارٽي، 2007ع، ص. 451
45. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، "تنقيدي ۽ تخليقي ادب" سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص. 500
46. ساڳيو ص . 563
47. ساڳيو ص . 599
48. ساڳيو ص . 607
49. ساڳيو ص . 610، 609
50. ساڳيو ص . 659

51. عباسي ظفر ”سنڌي ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون“ سنڌي لئنگوئج اٿارٽي، 2007ع، ص. 457
52. چانڊيو جامي (سهيڙيندڙ)، رسول بخش پليجو (ليکڪ)، ”تنقيدي ۽ تخليقي ادب“ سينٽر فار پيس ائنڊ سول سوسائٽي (سي.پي.سي.ايس)، 2012ع، ص.497
53. ساڳيو ص . 608
54. ساڳيو ص . 634
55. ساڳيو ص . 663، 661، 660
56. ساڳيو ص . 556، 555
57. ساڳيو ص . 600
58. ساڳيو ص . 602
59. ساڳيو ص . 607
60. چانڊيو جامي، ”افسانوي ۽ فڪري ادب“، سنڌيڪا پبليڪيشن، 2007ع، ص. 134